ڊاڪٽر جگديش لڇاڻي

# ايم. ڪمل جي غزل جو جائزو

## AN ANALYTICAL STUDY OF M.KALMAL'S ODE

**Dr. Jagdesh Lachhani,** Indian Writer

**ABSTRACT**

There are many who write for name and fame, personal benefits, reverence and to gain a position in the society. But, there are few who consider literature as the wealth of life and a source to contribute and serve human society, they devote their whole life in contributing literature to the cause of education and development of the Society.

M.Akmal is one of few who did not use literature as the source of personal gains and up gradation. Though he contributed almost in all the form of prose and poetry, but basically he is a Poet. He has composed almost 800 ode (Ghazal) His poetry is crammed with all characteristics of Art. He does try to create fresh words, which provides rare and individual colour and beauty to his poetry. His thoughts are balance and ripe in providing spiritual and mental comfortless to the readers. He is an Ex-tempo poet his way of expression is so comfortable that, it looks like he does make spiritual conversation with his readers.

M. Akmal is the Poet of life. His poetry contains all qualities of the best poetry. So, undoubtedly it could be said that his poetry represents the feelings of all segments of society, which is teemed of all characteristics of consciousness civilization.

هڪڙا شخص هوندا آهن، جيڪي پهرين پاڻ سان پيار ڪندا آهن، پوءِ ادب سان. اهڙن شخصن ڪي، پنهنجو پاڻ سان پيار ۽ ناموس جي خواهش ئي ادب ۾ وٺي ايندي آهي. ڪي ٿورا وري ادب کي ئي پنهنجو سڀ ڪجهه سمجهندا آهن. ادب ئي اُنهن جي زندگي هوندو آهي. اُٿندي، ويهندي، جاڳندي، سمهندي، ادب ئي اُنهن سان ساڻ هوندو آهي. اهڙا شخص، نه صرف ادب جو سِرُ اوچو ڪندا آهن، پر



پاڻ به ادب ۾ اعليٰ مقام حاصل ڪندا آهن. ايم. ڪمل، اهڙن ٿورن شخصن مان هڪ آهي.

ايم. ڪمل جي لڳ ڀڳ پنجن ڏهاڪن کان، پنهنجي ٻولي ۽ ادب سان وابستگي رهي آهي، پر اجا هن جي قلم جي مس سڪي ڪانهي. ايم. ڪمل هينئر، پنهنجي حياتيءَ جي چاڙهيءَ جا آخرين ڏاڪا چڙهي رهيو آهي؛ پر پوءِ به هو پنهنجي قلم کي ساهي پَٽڻ نٿو ڏئي.

ايم. ڪمل بنيادي طور شاعر آهي.ا يم. ڪمل کي ليکراج عزيز جي رهبري حاصل ٿي، جو هڪ اُستاد شاعر هو. ليکراج عزيز ٻوليءَ جو ماهر ۽ وڏو عالم هو. هن ئي ڪمل کي شعري نفيس نُڪتا سيکاريا ۽ زبان جي اهميت کان روشناس ڪرايو. شعر ۾ ربط، تشبيهه، تمثيل، استعاره، ڪنايه، علامت، خيال جي موزون ادائگيءَ کان واقف ڪيو ۽ محاوره بندي توڙي چست بندش جو علم سيکاريو.

### هڪ ادبي ڪچهريءَ جو منظر

هند جي دور دراز علائقن مان آيل اديبن پنهنجي پنهنجي واقفيت ٿي ڏني.

مان ........... ڪويتا لکندو آهيان.

مان ........... ڪهاڻي لکندو آهيان.

مان غزل آهيان.

محفل مان ڪنهن بلند آواز ۾ چيو.

يعني ايم. ڪمل آهين.

سيني تاڙيون وڄايون.

هونئن ته ايم. ڪمل، لڳ ڀڳ سخن جي هر شاخ تي ڪلڪراني ڪئي آهي، سواءِ رباعيءَ جي. رباعي هن نه لکي آهي. غزل سان هن جو دلي لڳاءُ آهي. هن هيلتائين اٽڪل 800 ڪن غزل قلمبند ڪيا آهن. غزل ۾ هن تمام فني خوبين جو استعمال ڪيو آهي؛ تشبيه، استعارو، ڪنايو، تمثيل، علامت وغيره. خاص طلب نڪتو، سندس ڪلام ۾ اهو آهي ته هو لفظن جو تخليقي استعمال ڪري ٿو يعني سندس شعر ۾ پيش ڪيل لفظ لغوي معنيٰ کان ڀن آهن. اُهي لفظي توازن ۽ صحيح مناسبت باعث، شعري ڪيفيت سان مهڪن ۽ ڇهڪن ٿا ۽ پڙهندڙن کي ذهني سڪون ۽ جذباتي آسودگي عطا ڪن ٿا.

غزل ۾ سندس اظهار جو ڍنگ گفتگوءَ جهڙو آهي. ائين نہ لڳندو آهي تہ ڪو هو شعر ٻڌائي رهيو آهي يا روحاني رهاڻ ڪري رهيو آهي. هي طرز بيان، هن جي انفرادي جهلڪ آهي. هو لڳ ڀڳ شعر Ex-tempo چوندو آهي. ان ڪي اساريندو ناهي، محض شعري تنقيدي نگاهہ سان، ان تي غور فرمائيندو آهي. فڪر ڪندو آهي، قافين، رديف، وزن ۽ ٻين فني ڪندن جو، پوءِ بي ساختہ چيل هڪ شعر ڪي غزل جي صورت بخشيندو آهي. ائين روزمره جي ننڍن واقعن، اتفاقن (خوشگوار يا غم زده) ڪي ٻن شعرن ۾ اظهاريندو آهي ۽ اهو لفظي ڪاريگريءَ جي بوءِ کان آجو هوندو آهي.

مثال طور:

رستي تان لنگهندي، ڪيس ائين لڳو تہ ڪنهن موٽرڪار مان هن ڪي سڏيو آهي. ڪِن بيهي، هن ڏٺو تہ اهو سڏ هن لاءِ نہ هو. اتي سندس وات مان پڻ پڻ ڪندي هينيون شعر نڪتو:

مان سجاڻان فقط پيادن ڪي،
ڪار مان ڪير پيار مان تو سَڏي؟
سڏ اُتن راند جو ڪچو آهيان،
هر پتي باز پيار مان تو سڏي.

(ص. 63 ڪوسي رڪ)

هو ائين ڪندي، سڌي سپاٽ بيان کان شعر ڪي دور رکندو آهي، ڇاڪاڻ تہ سپاٽ-پڻو ۽ بيان بازي شعري هڳاءَ جا دشمن آهن.

ٻئي دفعي، هڪ ساهتيڪ ميٽنگ ۾، جا ٻن گروپن جي اٽڪٽ ڪي متاڻ لاءِ سڏائي ويئي هئي؛ مگر نتيجو اهو نڪتو جو پاڻ ونجوڳ ۽ متڀيد وڌي ويا. ايم.ڪمل، ان جو شعريہ اظهار هيئن پيش ڪيو آهي:

زبان تي آڻ نہ سڀ معاملا دل جا،
ڪُلي ملڻ ڪتي پيدا مفاصلا نہ ڪري.

هيءُ شعر، سندس هڪ غزل جو آهي؛ جو هن اُتي اِهو لقاءُ ڏسندي لکيو هو.

شاعريءَ جي پياري صنف غزل، سنڌيءَ ۾ ڪافي مقبول پئي رهيو آهي. غزل، سنڌي زبان جي ذاتي صنف، سخن نہ آهي. جنهن وقت سنڌي ادب ۾، ان جو آغاز ٿيو، تنهن وقت مٿس فارسي ۽ اردو ادب جا ڪافي گهرا اثر هئا. غزل جو



بنيادي موضوع آهي، عشق ۽ محبت! غزل حقيقت ۾ دلي جذبات ۽ قلبي وارداتن ڪي ظاهر ڪرڻ جو هڪ موثر وسيلو آهي. غزل، داخلي طرز وارو شعر آهي، جنهن ڪري قلم ڪار، ان ۾ اندر جا احوال اوري ٿو. پر اڄ غزل، جڏهن بدليل وقت ۽ حالتن سان دوبدو ٿيو، تہ ان ۾ هر قسم جا خيال، هر قسم جي سوچ ۽ هر قسم جي جذبي جو اظهار ٿيڻ لڳو. اڄ جو غزل، پاڻ سان نيون تشبيهون، نئون احساس ۽ نئون اسلوب ڪٺي هلي ٿو. روايتي نظارا ۽ روايتي الفاظ، جيڪڏهن جديد غزل ۾ آيا بہ آهن، تہ بدليل معنيٰ ۾!

دراصل، شعر و شاعريءَ ۾ ڪجهہ نئين جوڙ لاءِ، نئين هوش ۽ تمام بدليل حالتن جي شعريہ اظهار لاءِ، شاعر ڪي نون الفاظن جي درڪار رهي ٿي. نون لفظن سان اهو مطلب هرگز ناهي تہ روز مره واري زندگيءَ ۾ ڪم ايندڙ لفظن کان ڪنارو ڪيو وڃي، پر اُنهن جو مفهوم، سندن نسبت سان، نئين حوالي ۾ پيش ٿئي. در حقيقت، ڪو بہ لفظ شاعرانہ يا غير شاعرانہ نہ هوندو آهي؛ اهو قلم ڪار جي ادبي صلاحيتن ۽ لفظن جي ادائگيءَ تي منحصر آهي. مثلاً: گٽر، گڏهہ ۽ هينگ وغيره. ان طرح جا الفاظ، جڏهن شعر جي دائري ۾ اچن ٿا، تہ سندن استعاري ۽ علامتي رنگ ڍنگ نہ صرف غير شاعرانہ نٿو لڳي، پر اظهاريل خيال پنهنجي پوري خوبيءَ سان تاثير ڪي تيز ڪري ٿو. ان روشنيءَ ۾، ايم.ڪمل جا چند شعر پيش خدمت آهن:

بلنديءَ تي رسي آ بي شعوري،
گڏهہ جي هينگ تي گهوڙو نچي ٿو.

(ص. 151 چوندڪلام)

نچندڙ گهوڙو، فقرو ڪيڏو نہ غور جي قابل آهي!
ڏاڍو گند ۽ بانس آ قاتل گٽر جي هٽ مگر،
ڇا ڪجي گهر ڏي وڃڻ جو هڪ اهو ئي رستو آ.

(ص. 149 ايم.ڪمل جو چوندڪلام)

بانس، ڀرشٽاچار جي گهر ڏانهن وڃڻ جو مجبور اِشارو آهي. پنهنجي مقصد جي حاصلات لاءِ، هيءَ بانس سهڻ ضروري ٿي پيئي آهي.

ساڳي اگهہ ۾ چمڪندڙ پٿر ئي بس ڪجندا ڏسي،
هيرا حيرت سان گراهڪ ڪي نهاريندا رهيا.

(ص. 90 ايم.ڪمل جو چوندڪلام)

شاعر ذکر هيرن ۽ پٿرن جو ٿو ڪري، مگر مطلب لائق – نالائق اِنسانن سان اٿس.

ساڳي طرح جي هڪ ٻي علامتي رنگ ۾ تصوير، شاعر هينئن پيش ڪئي آهي:

سڀ مسافر سهڪندا، بس کي ڌڪيندا ٿا هلن،
هڪ ڊرائيور فقط آ، جو مزي ۾ ويٺو آ.

(ص. 49 ايم. ڪمل جو چونڊ ڪلام)

يا

ڪانو جي سنگ، رنگ لاٿو نيٺ،
ڊونڊ تي هنس پيي هري ويا نيٺ.

(ص. 152 ايم. ڪمل جوچونڊ ڪلام)

ايم.ڪمل جي هر رچنا، زندگيءَ سان نزديڪيءَ جي وابستگي رکي هلي ٿي. هن جي ڪلام ۾، زندگيءَ جو رنج و غم، خوشي ۽ راحت، ان جو تناءُ ۽ ان سان جڙيل سماجي، سياسي ۽ تهذيبي شعور شامل آهي. هن ان کي جذباتي تپتَ ۽ ذهني ولوڙ مان حاصل ڪيو آهي. روزمره جون حالتون، جي اسان جي طرز حيات تي اثر وجهن ٿيون، اسان جي وهنوار ۾ تبديليون آڻين ٿيون، رشتن ناتن کي نئون موڙ ڏين ٿيون، انهن تمام نڪتن جو عڪس، هن جي غزل ۾ نمايان آهي. ايم.ڪمل جي غزل ۾ زندگيءَ جو وڏو دائرو سمايل آهي. ڪوڙيون سچايون، دوستن جون دغائون، سياسي، سماجي اوٽايون، جي اڄ جي حياتيءَ تي بري طرح حاوي آهن. مطلب تہ هن جي غزل ۾ زندگيءَ جي ڌڙڪن جي آهٽ ٻڌڻ ۾ اچي ٿي. هن جي سوچ جو دائرو بيحد ئي وسيع آهي؛ جنهن ۾ حال، ماضي ۽ مستقبل سميٽجي ويا آهن.

قصو ڪاري وري ناهڻ آيا،
دوستي دوست نباهڻ آيا.

(ص 97 ايم.ڪمل جو چونڊ ڪلام)

شاعر جو قلم اڄ جي ڪوڙي ۽ دوکيباز ڏيکاءَ تي بي خود ٿي چٺي ڏئي ٿو.

سڄو شهر اشتهارن سان ڏڪيل آ،
وڏي واڪي ننڱڻ جو دور آ اڄ.
(ص. 61 ايم.ڪمل جو چونڊ ڪلام)



سوارٿ جي اِنتها، اڄ جي شهري انسان کي ڪهڙين حالتن سان هم ڪنار ڪيو آهي.

هڪ گهَر ۾ پيي گهُرن ڌار چله
وقت ويو آ هيءَ باه لڳائي.

(ص 89 ايم. ڪمل جو چونڊ ڪلام)

اِن باھ ڪنهن هڪ کي نہ، پر سماج جي هر فرد کي پنهنجي چپيٽ ۾ ڌڪيليو آهي. خود غرض معاشري ۾ آخر ڪنهن تي وشواس ڪجي:

ٺاھ جي راھ پيي ويا بند ڪري،
جي هئا ڳالھ کي ٺاهڻ وارا.

(ص. 97 ايم. ڪمل جو چونڊ ڪلام)

ڪمل جي شاعريءَ جو ڪئنواس ڪافي وڏوآهي، جنهن ۾ فڪر جي گهرائي آهي. هن جي مخصوص اظهار جي ڪري، ڪيس ٻين شاعرن کان الڳ ڪرڻ ۾ ڏکيائي نٿي ٿئي. ڪمل اڄ جي پاڪر ۾، ماضي ۽ مسقبل بہ ڪٽيو هلي ٿو. هن جي ڪلام ۾ زندگيءَ جون ڪئين ڪُندون نمودار ٿين ٿيون.

ڪمل جي غزل ۾ محاورن جي بندش، تضادي لفظن جو اتحاد، نيون تشبيهون، دلفريب تمثيلون، لفظي مناسبت ڪاريگريءَ سان محض ان ڪري نمائش خاطر نہ، پر ان جي پنيان نئين هوشمندي، جذباتي تپت، بلند شعور جي دور دراز ديد جي جهلڪ ملي ٿي:

وقت کان اڳ جي ٽٽن ٿا ماڻهو،
هي نڪر ڪنهن تي پچن ٿا ماڻهو؟

(غزل 86 ڪوسي رک)

محاوري جي لفظي مناسب غور جي قابل آهي. ”نڪر پچڻ“ لفظي مناسبت سبب شعري تسڪين عطا ڪري ٿو.

ڪنهن ڏکيل رڳ تي بنا خوف جي رک آڱر اڄ،
لوڻ ڦٽ تي پلي ٻرڪاءِ، مون کي نشو آ.

’لوڻ ٻرڪڻ‘ محاوري جو استعمال ۽ موزون ماحول خلقي خيال کي دلچسپ بڻايو ويو آهي. ڪمل جي ڪلام ۾ نيٺ سنڌي محاورا جهجهي انداز ۾ ملن ٿا. شاعر، غزلن ۾ نج سنڌي محاورن جو فنائتي نموني استعمال ڪري، گهربل تاثير پيدا ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهي. هن کان اڳ ليکراج عزيز پنهنجي

غزلن ۾ سنڌي محاورن جو تمام سهڻي ۽ علامتڪ ڍنگ سان استعمال ڪيو آهي. ’صراحي‘ ان لحاظ کان سندس اڻ — وسرندڙ تخليق آهي. ايم-ڪمل ليکراج عزيز جو شاگرد آهي. هن ان فني نڪتي کي، اثر جي لحاظ کان، وڌيڪ علاتمڪ بڻايو آهي ۽ تاثر بخشيو آهي.

گهر پيي ديوارون ٿيا،
لوڪ گڏجي وينا آهن ڏار سپ.

**(غزل** 62 **ڪوسي رڪ)**

گڏجي ڏار ويهڻ جي بندش بہ خوب آهي؛ مگر ان جي پٺيان اڄ جي دور جي مجبوري نمايان آهي. هيءَ اسان جي زندگيءَ جو عام منظر آهر پر شاعر تضادي لفظن جي بندش ۾، ڪيئن نہ حسين ڍنگ سان پيش ڪيو آهي.

شاعر جو تخليقي لفظن جو استعمال بہ غور طلب آهي:

چوٽ ڪائڻ کان پوءِ پئي ٿس ڪَلَ،
خون جو اصلي ڪهڙو رنگ آهي.

**(ص.** 106 **ايم.ڪمل جو چونڊ ڪلام)**

اَصلي خون، لغوي معنيٰ کان مٿي آهي.

ايم-ڪمل جو علامتي انتظام بہ غور طلب آهي. هن نہ صرف ماڻهن کي، پر جانورن جي پردي پويان بہ، علامتي طرز ۾ چوٽ ڪئي آهي هن جي علامتي اظهار مان، شاعر جو شعور، سماجي، تهذيبي، اتهاسي هوشمندي جهلڪا پيئي ڏئي. شاعر جي هينئين مثالن مان اِها ڳالهہ بخوبي ظاهر ٿي بيهي ٿي:

شريف هو جيسين غريب هو،
هاٿي هفتا ٿو ڪارائي.

**(ص.** 30 **باه جا وارث)**

نظارو، لفظن جي ميل سان پنهنجي فڪر کي فن سان بلندي بخشي ٿو. ايم-ڪمل جي غزلن جي اهميت اِتي محسوس ڪري سگهجي ٿي چو تہ اُنهن ۾ زندگيءَ جا وسيع پهلو پر اثر نموني اظهاريل آهن. رمزي اِشارن ذريعي هن دلڪش عڪس روشن ڪري ڇڏيا آهن:

هڪ هڪ ٿي سپ ارمان ڪمل،
ڪوئجي ويا گولف بال جيان.

**(ص.** 77 **باهہ جا وارث)**



يا

حياتيءَ عمر جي ڪوڪي ۾،
ٽنگي ڇڏيو آ ٽوال جيان.

**(ص** 77 **باهہ جا وارث)**

يا

پاڙان پٽجي بيءَ جاءِ هنيل آهيون،
ساوا هوندي بہ ڇڻ سُڪل آهيون.

**(ص** 152 **ايم — ڪمل جو چونڊ ڪلام)**

ايم — ڪمل جي غزلن ۾ پسون پکي بہ علامت بڻجي آيا آهن. گڏهن، ڪتن، گهوڙن ۽ ڪانوَن جو هن سهڻي ۽ علامتي ڍنگ سان استعمال ڪيو آهي.

هينگ ڪي پيي راڳ مجٺو ٿو پوي،
ڏاڍي خَرَ سان پيار ڪرٺو ٿو پوي.

**(ص** 68 **باه جا وارث)**

ڪانوَ باغ کي دانهن ڏين ٿا،
ڪوئل گوڙ لائي ويٺي آ.

**(ص** 54 **باهہ جا وارث)**

خبر ناهي تہ رستي تي ڪتي پونڪيو ٿي ڪنهن تي
مگر لنگهندڙ اُتان هر شخص سمجهيو پاڻ تي ٿي.

**(ص** 82 **باه جا وارث)**

جڏهن نئين غزل جو ذڪر آيو، تہ ڪمل چوڻ لڳو، ”جديد زماني ۾، سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ترقيءَ سبب، نيون شيون، ايجادون وجود ۾ آيون آهن، جن جو تصور بہ ڪنهن اڳ نٿي ڪيو. معنيٰ، زندگي نوَن نظارن ۾ عڪس انداز ٿيڻ لڳي آهي. ان تمام بدلاءَ جي پس منظر ۾، غزل ۾ جو بدلاءُ آيو، سو نئون هو. جنهن غزل ۾ ان بدلاءَ جو احساس ٿئي، سو نئون غزل سمجهڻ گهرجي. جنهن ۾ نوَن نظارن کي جو عڪس اُتريل هجي، ان کي نواڻ جي صفت عطا ڪرڻ گهرجي.“

ائنٽينا تي ڪانءُ لنوي ٿو،
اڄ ڪو ليڊر تقرير ڪندو.

**(ص.** 67 **ايم. عمل جو چونڊ ڪلام)**

گهَر جي پٽين مان شاڪ اڇي ٿو.
ڳنڍِ تار جو ٽٽي پيو آ.

**(ص. 46 ايم. ڪمل جو چونڊ ڪلام)**

مٿين شعرن ۾ علامت ته آهي ئي، پر اڄ جي زندگيءَ جي هل هلان جي به عڪاسي آهي ۽ خوب آهي. ڪٽنبي رشتن ڏانهن پڻ اِشارو آهي. ”اڄ جي حياتيءَ جي هل هلان، ماڻهوءَ کي، خود سان ڀي ملڻ نٿي ڏئي. اڄ ڪنهن سان حال اورڻ جي ڀي فرصت مشڪل سان ٿي ملي. اها، نئين زماني جي دين آهي. اها دين، غزل ۾ پيش ٿي غزل کي ’نئين‘ صفت سان نوازي ٿي.

هڻ هڻ جي ڪري دل سان ڪا بات نه ٿي آ،
عرصي کان خود سان ڀي ملاقات نه ٿي آ.

**(ص 43 ڪوسي رڪ)**

پنهنجي آواز کي ڀي ڪيئن ٻڌي،
آدمي خود کان پري وينو آ.

**(ص 101 چونڊ ڪلام)**

ايم-ڪمل جو هينيون غزل بيحد مشهور آهي، جنهن ۾ هن رديف ’پوءِ الائي ڇا ٿيو‘ جو استعمال تمام سهڻي ڍنگ سان ڪيو آهي.

شهر ۾ گولي هلي، پوءِ الائي ڇا ٿيو،
خلق هڪ پاسي ڊڪي، پوءِ الائي ڇا ٿيو!
’تون ڇا‘، ’تون ڇا‘ کان هلي گار ۽ پوءِ نڪتا ڇرا،
تڪڙو آيس مان هلي، پوءِ الائي ڇا ٿيو!

**(ص 65 باه جا وارث)**

اِن غزل جي هري دلگير به خوب ساراهه ڪئي آهي.

ايم-ڪمل جي شعر ۾ ڪردار ٿڪل، اندران ٽٽل، خوف زده ماضي ۽ مستقبل جي تباهه ڪن انديشن، حادثن، اتفاقن کان هيساريل، اڄ جي زندگيءَ جي گهٽ ٻوساٽ کان آزاريل، خود پاڻ سان به ٻه ڪن ملڻ کان وانجهيل آهي. جا حقيقت اڄ اسين محسوس ڪري سگهون ٿا. جڏهن شاعر احساس جي شدت کان مجبور ٿي، پنهنجي احساسات کي شاعريءَ ۾ اظهاري ٿو، تڏهن آپ بيتي، جڳ بيتيءَ جو احساس ڪرائي ٿي. سندس مخصوص طرز بيان سبب، هن جي شاعرانه صلاحيت اُڀري بيني آهي. شاعرانه صلاحيت مان مراد آهي ته، الفاظن جو استعمال



ائين ٿئي، شعر جي بندش ائين ڪئي وڃي، جو ان شعر مان معنيٰ جا نوان نوان پهلو اجاگر ٿي بيهن، جنهن کي ’معنيٰ – آفريني‘ چئجي ٿو.

دراصل اعليٰ شعر ۾، شاعر جو جذبو، مشاهدو، احساس يا خيال دل کي تڏهن ٿو ڇهي، جڏهن هن پنهنجي تجربي کي مڪمل ريت پاڻ ۾ جذب ڪيو هجي، ان کي مڪمل سپردگي بخشي هجي. استعاري، علامت، تشبيه، ڪنايي، محاوري ۽ ٻين فني خوبين سان، شعر ۾ معنيٰ تهداري ته ٿئي ٿي، پر گڏوگڏ هڪ تصوير به اُڀري ٿي، جا اسان جي گهڻن حواسن کي اُڀاري ٿي. شعر ۾ جيترن وڌيڪ حواسن کي اجاگر ڪرڻ جي قوت هوندي، شعر اوترو ئي بلند معيار جو ليکبو آهي:

هر چوٽ کان ٻيءَ چوٽ تي سرندو ٿي رهيس مان،
هر لحظي ۽ هر پاسي کان جهرندو ٿي رهيس مان.

**(ص 22 باهه جا وارث)**

طنز، ايم-ڪمل جي غزلن جي خاص خوبي آهي هن جي طنز، دل ۽ دماغ کي رهنديندي آهي. لفظن جي تخليقي استعمال سبب، هو ڏاڍي ڇتي طنز ڪري ٿو. ڍونگ، فريب ۽ ڇهندڙ طنز جا مَثال آهن: هن جا شعر. هن جو هي علامتي شعر، ’سڀ مسافر سهڪندا، بس کي ڌڪيندا ٿا هلن، هڪ ڊرائيور فقط آ، جو مزي ۾ وينو آ.“ اڄ جي زندگيءَ تي تکي طنز آهي. ڪمل جي هينين شعرن ۾ به طنز جا ڏنگ سمايل آهن:

وقت سان وهنوار ڪرڻو ٿو پوي،
چور چوڪيدار ڪرڻو ٿو پوي.

**(ص 68 باهه جا وارث)**

ٻئي جي گلشن جا گل نه نالو ڪين،
اهڙو ڪو گل ڪِلائجي ڪنهن طرح.

**(ص 4 باهه جا وارث)**

ڏينهن جو وچ شهر ۾ ٿي ڦُرَ ٿئي،
۽ تون گگهه ۾ ٿو سچو رستو وڃين.

**(ص 83 ايم – ڪمل جو چونڊ ڪلام)**

اڳي عهدن کي ماڻيندا هئا ماڻهو،
مگر ماڻهن کي اڄ ماڻن ٿا عهدا.

**(ص 154 ايم – ڪمل جو چونڊ ڪلام)**

ايم – ڪمل جو ڪلام، تمام فني نڪتن باعث، ٻڌڻ سان زبان زد ٿي، سوچ ۽ فڪر جا ڪئين پردا هٽائي ٿو. اِتي هن جي شعر حوالا-پٺي جو عنصر اچيو وڃي.

شعر ۾ حواليپٺي جي قوت تڏهن ٿي اچي، جڏهن:

**(الف)** زندگيءَ سان گهري وابستگي رکندو هجي.

(ب) اِنساني فطرت، سياءُ جو ڀن – ڀن حالتن جي بدلاءَ سان، الڳ الڳ ماحول سان، شعر نهڪي بيهي ٿو.

(ٻ) سولو، سڌو بيان هجي. هتي سڌي سپاٽ بيت سان، يا منطقي حساب ڪتاب واري بيت سان، منهنجو مطلب ناهي، جو سپاٽ لهجو ۽ منطقي طرح جو بيان، شعرت جي هڳاءُ جا جاني دشمن آهن.

(پ) انداز بيان، سڌو سليس مگر ڳوڙهو هجي، جو دل ۽ دماغ ۾ هڪ طرح جو ولولو پيدا ڪري، راحت بخشي يعني ان ۾ تشبيه، استعارو، علامت يا غصو پوشيده هجي.

پوپٽي هيرانندڻيءَ ايم – ڪمل کي هڪ ڪوتبل شاعر ڪوٺيو آهي. هوءَ لکي ٿي: "ڪلا کي ڪوتبلتيءَ جو رتبو تڏهن ٿو حاصل ٿئي، جڏهن ان جي اِنساني زندگيءَ جي بنيادي احساسن سان گهري نسبت هجي، جڏهن ان ۾ روزمره جا واقعا، اتفاق، بدلجندڙ ماحول ۽ حالتن جو ذڪر ۽ انهن جي منظر ڪشي ڪيل هجي، جڏهن ان ۾ اسان جي ريتن، رسمن جي ڇاپا هجي، جڏهن ان ۾ انسان جا عقيدا، ڌرمي ويساه سمايل هجي، جڏهن ان ۾ اسان جي تهذيب، اتهاس، اسان جي ماضي، حال ۽ مستقبل جا ڪي اِشارا چمڪندا هجن، جڏهن ان ۾ زندگيءَ جون خوشيون ۽ غم، نراسايون ۽ اميدون، ناڪاميابيون ۽ ڪاميابيون ليئا پائينديون نظر اچن، اهڙا موضوع، نڪتا، خيال، تمام شعري فني خوبين سان يعني رمزي اِشاري، تشبيه، تمثيل ۾ اظهاريل هجن ۽ طرز بيان جي دلڪشيءَ ۾ رڱيل هجن، ته پوءِ ئي اهڙا شعر چوٽيءَ جي صورت اختيار ڪن ٿا."

اڳتي هلي، هوءَ ڪمل لاءِ چوي ٿي: "ڪمل جي ڪوتبل شعرن ۾ نه صرف اڄ جي بدليل دور جي تصوير ملي ٿي، مگر اڄ جي طرز حيات سان تمام جزيل پهلو، جن ۾ وقت ۽ ماحول جي عڪاسي آهي."

پوپٽيءَ ته ڪمل جي ڪوتبل شعرن جي هڪ لنبي لسٽ ڏني آهي، پر مان ڪي ٿورا مثال پيش ڪريان ٿو:



خواهشون پنهنجون نديون ٿي ويون،
ٻار هاٽي وڏا ٿيا آهن.
**(ص 32 ايم – ڪمل جو چونڊ ڪلام)**

شريف هو جيسين غريب هو،
هاٽي هفتا ٿو ڪارائي.
**(ص 30 ٻاه جا وارث)**

ڳاڏي ليٽ آ، اڄ پڻ بيبو،
ممي ممي ڪري سمهي پيو آ.
**(ص 46 ايم. ڪمل جو چونڊ ڪلام)**

اهڙي نموني ايم – ڪمل جي ڪلام مان ٻيا به ڪيترائي مثال ڏيئي سگهجن ٿا.

غزل، اصل ۾ ڳائڻ جي چيز آهي، بقول اياز قادري "غزل ۽ موسيقيءَ جو پاڻ ۾ روح ۽ جسم جو لاڳاپو آهي غزل جو حسن، ان جي موسيقيءَ ۽ حسن غنا سان ئي قائم آهي." (سنڌي غزل جي اوسر)

پر اڄ غزل کي انهيءَ نقط نظر سان نٿو ڏٺو وڃي. پوءِ به غزل ۾ رواني، سلاست ۽ موسيقيءَ جو هجڻ لازمي آهي. نقادن جي اها شڪايت جائز آهي ته ايم ڪمل جا گهڻا غزل ڳائڻ لاءِ ناهن. ايم – ڪمل جي لفظن ۾، "غزل مان سنگيت جي ئي تقاضا ڪرڻ يا ان تي گهڻو زور ڏيڻ، ادبي زيادتي آهي. خاص ڪري نئين احساس جي نمائندگي ڪندڙ غزل مان."

عشقيه غزل ئي گهڻو ڳايو ويو آهي. اهڙو ڪلام، ڪمل تمام ٿورو لکيو آهي. هو چوي ٿو: "مان پنهنجي ڪوتا سرجڻ ۾ ايماندار رهيو آهيان. جيڪو منهنجو نجي انڀو ۽ احساس ڪونهي، اُنهن کي ڇڏي اُڌار تي ڪجهه پاءُ يا روايتون وٺڻ، مون کي قبول ناهي. مون روماني شاعري ڪئي آهي، پنهنجي شروعاتي دور ۾. پر هينئر شايد منهنجي نظر، منهنجو من، جيون جي ٻين سرحدن ڏانهن جهڪي ويو آهي."

جڏهن غزل ۾ موسيقيءَ جو ذڪر نڪتو ته چوڻ لڳو، "مان خيال ۾ گهڻا نڪتا پرڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان ۽ ان ڪري ظاهري روانيءَ کي ڀي قربان ڪندو آهيان، جا منهنجي خيال کي سوڙهو ڪندي نظر ايندي آهي. پر ائين مڃڻ ته منهنجي ڪلام ۾ موسيقي يا رواني ناهي، صحيح ناهي.... اسان جا ڳايڪ، اهو ئي ڪلام پيش ڪندا آهن، جو دل کي ٿوري ڪن لاءِ للچائي، ۽ هو واه، واه

ڪمائين. ڳوڙها ۽ فڪر آماده ڪندڙ خيال وارا غزل، عوام لاءِ نٿا ٿين. پر پوءِ ٻيي ڪن گائڪن – گائڪائن، منهنجا غزل ڳايا آهن ۽ داد حاصل ڪيو اٿائون.“

ايم – ڪمل، ڪڏهن به ڪنهن واد يا گروه سان جڙيل نه رهيو آهي. هو اديب آهي. ادب جو معيار ۽ صحيح ڪٿ ڪرڻ، سندس مول مقصد رهيو آهي. جيڪڏهن ڪن سخن شناسن، ڪيس ڪي صلاحون آڇيون آهن ۽ هن کي راس آيون آهن ته هن، أنهن جي مهرباني مڃي، أنهن مشورن کي اکين تي لاتو آهي. باقي جن کي مٿي ڳولڻ به ڪين ٿي اچي، سي ڪنڀر جي مٽڪيءَ تي رائزني ڪن ٿا، هو تن کي پنهنجي تيزابي مرڪ سان گهائي ٿو.

## حوالا


1. ايم ڪمل: ڪوسي رڪ
2. ايضاً: (ايم ڪمل جو چونڊ ڪلام)
3. ايضاً: باهه جا وارث
4. ڊاڪٽر اياز قادري: سنڌي غزل جي اوسر: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.